ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# سنڌري اُتم چنداڻي
# هڪ ڪهاڻيڪار، هڪ ساهتڪار


### *Abstract:*

*Sundri Uttemchandani was born on 28th September 1924 in Hyderabad, Sindh. She was a famous writer of Sindhi literature. She has more than 25 books to her credit, which writings include short stories, novels, poetry, travelogue, dramas etc. Her work is admired by celebrated writers such as M. Malkani, Kishan Khatwani, Goband Punjabi, Keerat Babani, Shaikh Ayaz and especially by her husband A. Utam Chandani.*

*She started her creative writing career as a short story writer. In 1952, she was awarded by "Sindhi Saheetiya" (سنڌي ساهتيه) on a short story named, "Mumta" (ممتا) published in "Sathee" (ساٿي) magazine. Uptil this point she had written 200 hundred short stories accurately depicting the life and problems of Sindhi society. Her most popular stories are, "Bhoori" (ڀوري) "Shikasit" (شڪست)، Karo Ghot" (ڪارو گهوٽ)، "Nanki" (نانڪي) Her novels "Kirander Deewaroon" (ڪرنڊڙ ديوارون) and "preet purani reet nirali" (پريت پراڻي ريت نرالي) are famous novels in Sindhi literature. Sundri's prose work is unique mainly of the topics, characterization & her command over language.*

*These three aspects of her literary work are the focus of this study.*


**سُندري** اتم چنداڻيءَ جو شمار سنڌي ادب جي ليکڪائن ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. هن پنجاهه سالن کان به وڌيڪ عرصو ادب کي ارپيو. سنڌريءَ نثر ۾ سوانح نگاري، ناٽڪ، افسانا، ناول ۽ مضمون لکيا آهن. گڏوگڏ هن شاعري به ڪئي آهي، ان کان سواءِ هُن ڪتابن جا مقدما ۽ مهاڳ به لکيا آهن ته صحافتي ادب ۾ پڻ هٿ وندرايو اٿس. 'ساٿي' مخزن جي جوائنٽ ايڊيٽر هئڻ سان گڏ هوءَ 'سنڌو سنسار' ۽ 'سنڌو سماچار' ۾ عورتن جي صفحي جي ادارت سنڀاليندي رهي. ترجمه نگاريءَ ۾ به سندس نالو اهم آهي. هُن انگريزي، اردو، مرهٽي، پنجابي ۽ ٻين ٻولين جي وڏن ليکڪن جي اهم ڪهاڻين ۽ ناولن کي ترجمو ڪيو آهي ته پنهنجي لکڻين جا به مختلف ٻولين ۾ ترجما





ڪيا آهن. سنڌريءَ ترقي پسند ادب جي اهم ليکڪن، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، موهن ڪلپنا، ڪرشن کٽواڻي، سڳن آهوجا، جڳت آڏواڻي، پوپٽي هيراننداڻي، شيخ اياز، نورالدين سرڪي ۽ آسانند ڄيٺانند اُتم چنداڻيءَ جي رهنمائيءَ مان گهڻو ڪجهه پرايو. هن شروعاتي تعليم حيدرآباد سنڌ مان حاصل ڪئي. حيدرآباد جي ٽولارام اسڪول مان مئٽرڪ ڪيائين. ڪيس ننڍپڻ کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق هو. سندس گهر ۾ وڏي لائبرري هئي. خانداني طور گهر جي وڏن کي ڪتاب پڙهندو ڏسي، هن پاڻ به ادب کي پڙهڻ ۽ لکڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ شوق کي باقاعده طور هٿي آسانند ڄيٺانند اتم چنداڻيءَ سان شادي ڪرڻ کان پوءِ ملي، جو سندري سنڌي ادب جي اهم ترين ليکڪا ٿي ويئي. عام طور چوندا آهن ته، "ڪنهن ڪامياب مرد جي پويان هڪ باشعور ۽ سمجهو عورت جو هٿ هوندو آهي،" پر هتي اسين ڏسنداسين ته سندري اُتم چنداڻيءَ جي ڪامياب ادبي سفر پويان سندس وَرَ جو پڻ هٿ آهي. اُتم جي همراهيءَ ۽ همٿائڻ تي سندري لکي ٿي ته،

> "ادب سان چاهه مون ۾ خانداني طور تي آهي. اسان جي گهر ۾ منهنجي ڏاڏي، پيءُ ۽ ڀائرن جا ڪافي ڪتاب ڪٺا ٿيل هئا. راند جا موقعا گهٽ هئڻ سبب منهنجو ڌيان گهٽي ٻاڱي ڪتابن پڙهڻ ڏانهن ئي رهيو. ڪتاب پڙهندي پڙهندي منهنجي ذهن ۾ هڪ وڏي ليکڪا ٿيڻ جو سپنو اڀريو، پر ميدان وغيره ڪجهه به ڪونه هو. اهو سپنو ساڀيان تڏهن ٿيو، جڏهن مون کي ورهاڱي وقت اُتم کي ڏسڻ ۽ ساڻس ڳالهائڻ جو موقعو مليو. ان وقت ترقي پسنديءَ جي لهر ڏاڍي زور هئي ۽ ڪيترن ئي نوجوانن لکڻ شروع ڪيو هو، جن ۾ اُتم پڻ هو ۽ آئون به ساڻس گڏ اُن ڌارا ۾ شامل ٿي ويس. جڏهن اُتم جو مون کي پورو ساٿ مليو ته جڻ منهنجي اميجينيشن کي پَرَ لڳي ويا."(۱)

اهڙيءَ ريت سندري ترقي پسند ادب جي مقبول ۽ مشهور ليکڪا بڻجي ويئي. هن پنهنجي تعليم توڙي ادبي ڪيريئر کي ورهاڱي کان پوءِ ئي اڳتي وڌايو. ٢٣ ورهين جي ڄمار ۾ پسند سان شادي ٿيڻ کان پوءِ ترت ئي ورهاڱي سبب پنهنجي مڙس سان وڃي بمبئيءَ ۾ رهي، جتي ايم.اي تائين تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪلناڻي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انسٽيٽيوٽ جي ڪاليج سيڪشن ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرر طور پڙهائڻ لڳي. هوءَ پنهنجيون تحريرون ڇپائڻ لاءِ موڪلڻ کان اڳ اُتم صاحب کي ڏيکاريندي هئي. سندس چواڻي ته،

”منهنجي لکڻين ۾ ماس ڪٽي منهنجو هجي، پر جيڪو ڍانچو آهي، ان ۾ گهڻو ڪجهه اُتم جو اريپيل آهي. هن جا ۽ منهنجا اهي ئي ساڳيا ويچار آهن، جيڪي پروگريسو ازم جا بنيادي خيال آهن.“(٢)

شخصي طور سندريءَ جا ڪئين روپ آهن. هوءَ ٻن ڏيئرن جي ماءُ ۽ هڪ مهربان استاد آهي. ڪيس پُٽ جو اولاد ڪونه هو، پر ڌرم جي پٽ ۽ ننهن مان هوءَ تمام مطمئن رهي ته پنهنجي پتيءَ لاءِ پڻ هوءَ قربائتي پتني رهي. سندس حياتيءَ جو هر رخ مطمئن ۽ آسودو ڪنڌڙ رهيو. سنڌي ادب ۾ سندس ڪم کي مڃتا ملي. فطري طور سندري اتم چنداڻي نرم سڀاءَ جي مالڪ، رلڻي ملڻي ۽ همدرد طبع هئي. سندس نظر ۾ انساني ڪرداري خوبيون اهميت جوڳيون آهن، هوءَ پاڻ چوي ٿي ته،

”مون کي ڪجهه به ناپسند ناهي ٿيندو. ها، ڪجهه ڪئريڪٽر جو خيال ٿيندو آهي ته ماڻهو اوچ ورتيءَ وارو هجڻ گهرجي، پر منهنجين پسندين جو دائرو تمام وڏو آهي. شايد ايترو وڏو جو ناپسند ڪرڻ لاءِ تمام ٿورو ڪجهه رهجي وڃي ٿو. مون کي ماڻهو سڀ تمام نيڪ لڳندا آهن ۽ تمام گهڻا وڻندا آهن. جو ڪي دوست چوندا آهن ته آئون اهڙن ماڻهن کي ڪيئن ٿي پسند ڪريان، جن سان هو جيڪر ڳالهائڻ به پسند نه ڪن. مون کي سڀني لاءِ عزت آهي. انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته ڪي ڪي ماڻهو تمام گهڻو وڻندا آهن، پر آن دي هول مون کي سڀني لاءِ شپ ڪامنائون آهن.“(٣)

سندري اتم چنداڻيءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾ ڪهاڻين جا مجموعا: ’اڇا وار ڳاڙها گل‘ (1965ع)، ’تو جنين جي تات‘ (1970ع)، ’پوري‘ (1979ع)، ’ٻنڌڻ‘ (1982ع)، ’مرڪ تي منع‘ (1985ع)، ’يگانتر‘ (1989ع)، ’ڪيڙيل ڌرتي‘ (1992ع) ۽ ’پيار پيار، پيڙا پيڙا‘ شامل آهن. طبعزاد ناول ’ڪرنڌڙ ديوارون‘ (1953ع)، ’پريت پراڻي ريت





نرالي‘ (1956ع). ترجمو ٿيل ناولن ۾ ’پياسي ڌرتي پياسيون دلڙيون‘ (ڪرشن چندر)، ’هڪ سسئي سؤ سور‘ (امرتا پريتم)، ”تُتل ساز“ (مئڪسيم گورڪي)، ”ساگر جي سنتان“ (تڪشي شنڪر) جي ناولن تان ترجمو ڪيا آهن. پوئين ترجمي تي ڪيس سويت نهرو انعام مليو. ان کان سواءِ ’ملايازيمليا‘، ’نئون جنم‘، ’ڪنواري ڌرتي‘ (سوانح 1978ع- 1979ع ۾ لکيا، جيڪي بريزنيف جي يادگيرين تي مشتمل آهن) ۽ ’روس جي نئين سيپتا جو درشن‘ (سفرنامو- 1980ع) ۽ ٻيا ڪتاب آهن. هن ڪافي مضمون لکيا آهن. سندس مضمونن جو مجموعو ’ڀارت ۽ روس- ٻه ڀانهن ٻيلي‘ 1974ع ۾ شايع ٿيو. لکيل ناٽڪ ڏهن کان مٿي آهن، جن مان ڪي مخزنن ۾ پڻ شايع ٿيا آهن، پر ڪتابي صورت ۾ ڪو به ناٽڪن جو گُٽڪو ڇپيل ڪونهي. سندريءَ جون ڪهاڻيون، مضمون ۽ ننڍا ناٽڪ ’نئين دنيا‘، ’مارئي‘، ’مهراڻ‘، ’نئين زندگي‘، ’سنگيتا‘، ’هلچل‘، ’آلڪا‘ ۽ ’جوت‘ رسالن ۾ ڇپيا آهن. ڇپيل ڪتابن جو تعداد ويهن تائين آهي. هن شاعري پڻ ڪئي. سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت به وقت ڇپبي رهي. ’امن سڏي پيو‘ (1966ع ۾) روسي شاعريءَ جو ترجمو ڪيو اٿس ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ’هڳاءُ‘ (1993ع ۾) شاعريءَ جو مجموعو شايع ٿيو، جنهن ۾ نيٽ سنڌي تشبيهون ۽ لفظ ڏنل آهن. گهڻي ڀاڱي نظم لکيا اٿس. شاعريءَ جو شوق هوندي به هوءَ پنهنجي ڪيل شاعريءَ کان گهڻو مطمئن نه آهي. لکي ٿي ته،

”ڪيترن سالن کان مان ڪجهه نه ڪجهه لکندي رهندي آهيان، پر مردن وانگر شاعراڻي سنگت نه هجڻ ڪري گهڻو واڌارو نه ٿي سگهيو آهي، انهيءَ ڪري نارائڻ شيام چوندو آهي ته منهنجي شاعريءَ ۾ شاعري ته گهڻي آهي، پرفارمس وغيره جي ڏاڍي کوٽ آهي.“(٤)

ممڪن آهي اها سندس انڪساري هجي يا هوءَ وڌ کان وڌ ’تڪميليت‘ (پرفيڪشن) چاهيندڙ هجي، ڇو جو اعليٰ فنڪار ڪڏهن به مطمئن نه ٿيندو آهي، جڏهن ته سندس شاعريءَ کي ڪلاپرڪاش، واسديو موهي ۽ ٻين پڻ ساراهيو آهي. بنيادي طور هوءَ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي. سندس پهرين ڪهاڻي ’ساٿي‘ نالي مخزن ۾ ڇپي هئي. 1952ع ۾ سندس ڪهاڻي ”ممتا“ جي عنوان سان ڇپي، جيڪا پاڪستان ۽ هندوستان جي ورهاڱي جي حالتن جي باري ۾ هئي. انهيءَ تي ڪيس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’سنڌي ساهتيہ‘ طرفان انعام ڏنو ويو. هيءَ ڪهاڻي ڪيترن وڏن ليکڪن جي ڪهاڻين جي وچ ۾ ڪامياب ٿي هئي. هن 200 ڪان مٿي ڪهاڻيون لکيون آهن، جن جا ڇهہ سَت مجموعا شايع ٿيا آهن، جن مان ڪي ڪتاب وري وري پڻ ڇپيا آهن. ’پوري‘ ٽن سالن ۾ لڳاتار ٽي دفعا ڇپيو. سنڌس اهم ڪهاڻين ۾ ’ممتا‘، ’اڇا وار ڳاڙها گل‘، ’قدر ڪونهي‘، ’وڇوڙو‘، ’نانڪي‘، ’ڪارو گهوٽ‘، ’آڪيري جا اٻلاڪي‘، ’ٻنڌڻ‘، ’ڪير پريا هٽڙا‘، ’ستيءَ جو چبوترو‘، ’ڪوشان‘، ’گورڪو‘، ’پيچ پڇان‘، ’شڪست‘، ’تو جنين جي تات‘، ’املهہ ماڻڪن جو واپار‘، ’چوٽ‘، ’دل شيشو آهي‘، ’مان ترسنديس‘، ’جيئڻ جي تمنا‘، ’روشني‘، ’سنڌي ٽي ويا ڏاڻو ڏاڻو‘، ’نينهن جا ناتا‘، ’ڏيهہ ٿيو پرڏيهہ‘ ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. سنڌي ساهت جي ڪهاڻي ڪيتر ۾ سندريءَ جو هڪ اهم مقام آهي. حميد سنڌيءَ جي چوڻ موجب تہ،

”روح رهاڻ مخزن جي اجراء واري شروعاتي دور ۾ سنڌ ۾ ڳاڻ ڳٽيون عورتون لکڻ جي ميدان ۾ هيون. افسانا نويسيءَ ۾ زينت عبدالله چنا، رشيده حجاب، ثميره زرين ۽ چند ٻيون هيون. انهيءَ وقت هندوستان ۽ پاڪستان جي درميان مواصلات جا ذريعا ايترا مضبوط ڪونہ هيا ۽ نہ ئي فيڪس ۽ انٽرنيٽ نموني جون سهولتون ميسر هيون، سو هندوستان مان ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتاب ۽ رسالا جڏهن هتي اچي هٿ ۾ ملندا هئا، تڏهن ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي ۽ هڪدم اسان انهن مان ڪي ڪهاڻيون هتي جي رسالن ۾ شايع ڪندا هئاسين. انهيءَ جي ڪري سنڌ جو پڙهندڙ طبقو پوپٽي، سندري، تارا ميرچنداڻي ۽ ٻين ليکڪن ۽ ليکڪائن جي فن کان آگاهہ ٿيو.“(۵)

موضوع، سندريءَ وٽ موضوعن جي ڪابہ کوٽ ڪانهي، هن سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعاتي دؤر کان عروج واري دؤر تائين مستقل مزاجيءَ سان لکيو آهي. سندس ڪهاڻيون حياتيءَ جي حقيقت نگاريءَ سان گڏ خاص طور سنڌي سماج جي گهريلو مسئلن جي عڪاسي ڪن ٿيون. ڊاڪٽر عبدالجبار لکي ٿو تہ،

”سندريءَ جي موضوعن جي پکيڙ سماج جي پکيڙ جيتري آهي. سندس ڪهاڻين ۾ عورت جا نازڪ جذبا ۽ نازڪ خيال سمايل





آهن. انهن ۾ پيار ۽ پاٻوهہ موجود آهي. ’پهريون پيار‘ جي لاجونتيءَ جا جذبا پتيءَ لاءِ پاٻوهہ وارا آهن. ايئن ’اڇا وار ڳاڙها گل‘ انساني جذبن جي اپٽار آهي. ننڍين ننڍين مڪالمن ۾ جذبن جا پيندار آهن. ڪهاڻي ’دل شيشو آهي‘ خطن وسيلي ڏکن سورن جو اظهار آهي. ’تو جنين جي تات‘ ورهاڱي جي درد جي ڪهاڻي آهي. هن درد جو تہ ڪو درمان نہ ٿيو. ’شڪست‘، ’املهہ ماڻڪن جو واپار‘ ۽ ٻيون ڪيتريون اعليٰ معيار جون ڪهاڻيون هُن لکيون آهن.“(٦)

سندريءَ جا موضوع گهڻي ڀاڱي عورت جي جذبن، اُمنگن ۽ ويچارن جي اپٽار آهن. هوءَ ان جي نفسيات جو گهرو مطالعو رکي ٿي. ڳوٺاڻي، شهري، پڙهيل، اڻ پڙهيل، گهريلو نوڪري ڪندڙ عورت يا سندس مختلف روپن، جيئن، سس يا ننهن، ماءُ يا ڌيءَ، محبوبہ يا زال، مطلب تہ هوءَ عورت جي فطرت جي هر روپ کي اُجاگر ڪرڻ جي اهليت رکي ٿي. عورت جي هر سماجي حيثيت ۾ مرد ذات جو ان سان وهنوار ۽ ورتاءُ سندري ڪولي ڪولي ٻڌائي ٿي. هوءَ ’ڪارو گهوٽ‘ جي حسين اپسرا کي ڪل چرچي ۾ ڪارو گهوٽ قبولائي ٿي، جو پوءِ ڪيس مضبوط، بهادر، اڏول ۽ پنهنجي پاڻ تي فدا ٿيڻ وارو مڙس لڳي ٿو. ’وڇوڙو‘ ۾ سندريءَ اڄ جي عورت کي عام عورتن کان مختلف ڄاڻائڻ ٿي چاهي، جيڪا مٽين ۽ ويسن وڳن جي محتاج ڪانهي. ’ڪير پريا هٽڙا‘ ۾ هوءَ حساس جوتيءَ کي ٿي بيان ڪري، جا باوجود غربت جي پنهنجي شاعر مڙس ديپڪ کي اهو محسوس ٿيڻ نٿي ڏئي تہ سندس دل بہ دنياوي نعمتن ۽ سکن جي ستائش ڪري ٿي. سندريءَ جي انعام يافتہ ڪهاڻي ’ڪير پريا هٽڙا، نير پريا نيڻ‘ طوفاني رات ۾ ديپڪ ۽ جوتيءَ جي مڪالمن تي ٻڌل آهي. چندرا جي خوشين ۽ خوبصورتيءَ کي ڏسي هڪ لحظي لاءِ جوتيءَ جي دل وسامي ٿي. سندس عورتاڻا جذبا سکن ۽ خوشين جي چاهنا ڪن ٿا، پر پوءِ جوتيءَ کي سنڀالي ٿي وڃي ۽ ديپڪ جي ٻانهن ۾ شانت ٿي چوي ٿي تہ:

”آسمان کي جڏهن ڏوڏو ايندو آهي، تڏهن ڪڪرن جو روپ ڌاري هيٺ لهي ايندو آهي ۽ دور افق ۾ ڌرتيءَ کي سيني سان لائي، اسٽر تي ويندو آهي.“(٧)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

'مان ترسنديس' ڪهاڻيءَ جو موضوع پڻ عام رواجي هوندي به ليکڪا جو بياني انداز خاص نموني جو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ انهن مائرن جي لاءِ چتاءُ آهي، جيڪي پنهنجي نياڻين جي لاءِ بهتر کان بهتر سگ لاءِ چڱا سنگ رد ڪيو ڇڏين ۽ آخرڪار نياڻيءَ جي وهي چڙهي وڃڻ جي ڪري پريشان ٿينديون آهن. راڌا جي شادي نه ٿيڻ ۾ ماءُ جي آڪڙ واري لوڏ، نس نس ۾ سمائجڻ سببان، هوءَ پاڻ کي خاص ڇوڪري نه فقط سمجهڻ لڳي، پر رستي تان به ٿڙي وڃي ٿي. سندري هن سانحي تي لکي ٿي ته،

"هڪ پاپ به انسان. ايئن ته هر پاپ ۾ بيءَ هستيءَ جي موجودگي گهرجي. ڪوئي ڪرم جيستائين هڪ ڄڻي تائين محدود آهي، تيستائين پاپ نٿو بنجي. جڏهن ڪنهن بئي ڄڻي جو هاجو ان ۾ شامل ٿيو وڃي، تڏهن اهو ڪرم پاپ بڻجيو پوي. مگر ٽئڪسيءَ واري سان هڪ رات گڏ گذاري، راڌا ڪنهن جو هاجو ڪيو هو، سا ڳالهه ڪيس نٿي سمجهه ۾ آئي. پوءِ جنهن ڪرم کي سيني پاپ ٿي سڏيو، تنهن کي پاڻ به پاپ سمجهي، فقط ان ڪري جو بيا ان کي پاپ ٿا سڏين، ان ڳالهه لاءِ هوءَ به تيار نه هئي، ته باقي هيءَ مونجهارو ڇاجو هو؟ پاڻ کي نه سمجهي سگهڻ جو؟ راڌا جاڳندي ته ڇا، ڪڏهن ننڊ ۾ به ڪين سوچيو هو ته هوءَ هڪ ٽئڪسيءَ واري کي پاڻ ارپڻ ڪري ايندي! جيڪي نه سوچيو هئائين، اهو ٿي گذريو هو ۽ جيڪو وَرَ وَرَ ڪري سوچيو هئائين، خوابن ۾ ڏٺو هئائين، اهو سڀ سوچ جي صورت ۾ ئي رهجي ويو هو، پر عمل جي اوساريءَ ۾ لنبجي نه سگهيو هو ۽ عمل ۾ جيڪي اچي چڪو هو، ان لاءِ هاڻ سوچڻو هو. ڇا سوچڻو هو؟ هاڻ ته جيترو اڳتي وڌڻ مشڪل هو، پنتي موٽڻ پاڻ ان کان گهڻو مشڪل هو ۽ هوءَ ويني هئي رات جي اڪيلائي ۾، اڻاهه پيڙا جي پونجي ڪنيون. اڄ ڪيس گذريل پلن کان، دريءَ کان ٻاهر ستل جهان کان، بتيءَ جي روشنيءَ کان به هڪ عجيب خوف محسوس ٿي رهيو هو."(٨)

عصمت لٽيل راڌا کي به سندريءَ هڪ نئين شڪتي ڏني آهي. ڪيس همت





ڏيئي حوصلي سان جيئڻ جوحق ڏنو اٿس. لکي ٿي ته:

"راڌا سوچيو ۽ اُٿي کڙي ٿي، آنڊ مانڊ ختم ٿي چڪي هئي. اٿي بتي ٻاريائين ۽ ميز جي خاني مان پنو پينسل ڪڍي لکيائين، پرپداس دادا!

"ماضي مٽجي نٿو سگهي ته لَٽجي ته سگهي ٿو ۽ هڪ ڏينهن شايد لَٽَ اُن کي دبي ڇڏي. توهين نيڪ ٿا چئو، جيون جي هڪ پُل سان، سؤ پلون بيون به گڏڻ ناداني آهي. منهنجي قوم وٽ جڏهن مون جهڙين وچولي درجي وارين ڇوڪرين لاءِ گاڏيون، موٽرون ۽ بنگلا ناهن ته ڇا ٿيو. هٿن سان پورهيو ڪنديس، ساديون ساڙهيون پائينديس. نيڪ ٿا چئو، مون جهڙين ڇوڪرين کي بهادر بڻجي زندگي عيش نه، پر تپ ۽ تياڳ ڪري وٽڻ گهرجي، هائو! مان به پنهنجي قوم جو هڪ جزو آهيان. مان ترسنديس، پنهنجي قوم جي اهڙي انسان لاءِ جو ڪلي ڪلي موڪلائڻ لاءِ نه، پر جيون ڀر ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار هوندو."(٩)

'جيئڻ جي تمنا' جي نائيڪا هڪ اهڙي غريب ڪٽنب مان هئي، جتي غربت ۽ جهجهن گهرڀاتين هئڻ سبب جيون جنجال هو. ايتريقدر جو سيني ڀائرن ڀينرن سان نندپڻ ۾ ئي عهد ڪيو ته هو وڏا ٿي شاهوڪار ضرور ٿينداسون. ليکڪا لکي ٿي ته:

"مون ته سوچي ڇڏيو هو اگر جيئڻو آهي ته هڪ وار شاهوڪار ضرور ٿينديس، پر اها ڳالهه اسان جي مغز ۾ ڪير وجهي ته جيئن پئسو پئسي کي ڪمائيندو آهي، تيئن خود غرضي به بين جي خود غرضيءَ کي وياج سوڌو کٽي ايندي آهي. ان هوندي به سڀ هن عجيب ويڙهه ۾ ٽپي پياسين. پهريون قدم اهو کنيوسين جو وڏيءَ ڀيڻ جي هڪ بيئل گهر ۾ شادي ڪرائيسين. ڇوڪرو بيمار مليو، پر شاهوڪار هو. اجان ڀيڻم جي پيٽ ۾ پري ڪاڻو ڪائڻ جي سَڌَ به پوري ڪانه ٿي هئي جو هوءَ وڌوا ٿي ويئي."(١٠)

ساڳيءَ ريت ڪهاڻيءَ جي نائيڪا جي به امير گهر ۾ شادي ٿي وڃي ٿي ۽ سندس گهوٽ جي وفات کان پوءِ اهي امير ساهرا ڪيس گهر مان لوڏي ڪڍڻ ٿا چاهين ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سندري صاحب انهيءَ بيواهه عورت کي پل ڏنو آهي ته هوءَ جيئڻ جو حق ڇڪي وٺي ۽ هٿيار ڦٽا نه ڪري. لکي ٿي ته

"اڙي جيوت جا راڪاس ٻڌاءِ مان ڪيڏانهن وڃان، ڪهڙي جهان ۾ وڃي رهان؟ پتيءَ جي جيئري ئي جن عزيزن مون کي غريب گهر جي ڇوڪري سمجهي ٽپ ٽپ تي منهنجي بي عزتي ٿي ڪئي، سي اڄ ڇا ڇا نه ڪندا؟ نه نه، ماضيءَ جا ورق ورائيندي ٻانهن ۾ نئون ٻَل اچي ويو آهي. جهاز ٽٽي پيو ۽ تختو ڇڏائجي ويو ته ڇا ٿيو؟ پوءِ به جيئڻو آهي مون کي! مان ڪين مرنديس. پنهنجي ٻانهين ترنديس..."(١١)

سندريءَ جي موضوعن ۾ عورت جي عظمت، عزت ۽ اهميت کي سرسي حاصل آهي، پر ائين نه آهي ته هن فقط 'عورت ذات' کي ئي پنهنجي ناولن ۽ ڪهاڻين جو موضوع بنايو آهي. هن ڪيترن ئي مسئلن تي لکيو آهي. ڏک سک، غريبي اميري، علم جي کوٽ، انساني حقن جو استحصال، آزاديءَ جي اهميت، وطن جي محبت، سنڌيت، قوميت، وطنيت، پيار، محبت هر موضوع کي سهڻي نموني سان پيش ڪيو اٿس. موضوع کي اپارڻ ۾ ڪمال سندريءَ جي ڪردارنگاري جو آهي. انساني جذبن جي اپٽار ڪردارن جي واتان ۽ سندن خيالن جي ذريعي اهڙي ته سهڻي نموني پيش ڪري ٿي، جو لفظن ۽ جملن جو ربط ۽ تاثر دل ۽ دماغ تي تمام گهڻو اثر ڪن ٿا.

'شڪست' حشو ۽ سَتي ٻنهي پتي ۽ پتنيءَ جي حياتيءَ ۾ ايندڙ انهن لمحن جي ڪهاڻي آهي، جن ۾ جهيڙن کان پوءِ صلح آهي، رسڻ کان پوءِ پرچڻ جو ميناج آهي. داديءَ انهن جهيڙن جهٽن کان بچڻ لاءِ شادي نه ڪئي، پر آخر حشو ۽ سَتيءَ جي صلح ڪيس احساس تي ڏياريو ته پتي ۽ پتنيءَ جي اڻ ٽٽ رشتي ۾ هڪ عجيب ۽ انوکي پنهنجائپ آهي. اهو محسوس ڪري سندس سوچ "شڪست" ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. هوءَ سوچي ٿي ته

"ڪاش، پيار جي درياءَ ۾ هن طرح غريبيءَ جي شڪايتن کي ٻوڙي وهائي ڇڏڻ جي ريت ڪجهه سال اڳ سکان ها، جڏهن اجا جوان هيس. دل ۾ ستيءَ ۽ حشوءَ جي اچڻ وقت جيڪو سوچ جو احساس ٿيو هوم، سو سندن وڃڻ بعد بدلجي شڪست جو احساس





بنجي ويو آهي."(١٢)

ڪردارنگاريءَ جي خوبين ۾ 'پوري' ڪهاڻي اهميت رکي ٿي، جا عورت جي ڪردار جي ٻن اهم روپن تي روشني وجهي ٿي. ٻن عورتن جي مزاج جا الڳ الڳ روپ ڄاڻائي، ليکڪا عورت جي فطرت تي روشني وڌي آهي. ٻن جدا جدا طبقن جي عورتن جي تصويرڪشيءَ ۾، هڪ اها شهري عورت آهي، جا گهر ويني آهي. ڪيس حياتيءَ جا سڀ سک ميسر آهن، پر پتيءَ جي گهر اچڻ تي وٽس شڪايتن جا دفتر آهن ۽ ٻي اها عورت آهي، جا محنت مزدوري ڪري پنهنجو گذران ڪري ٿي. پر وٽس صبر، همت ۽ حوصلو آهي. جيون کي اڻ ٿڪ محنت ۽ انهيءَ محنت جي مقصديت کي مجتا ڏيندي سندريءَ غريب محنت ڪش پوريءَ کي 'محنت تي تڳجندڙ ملڪ' جو لقب ڏنو آهي. پاپڙ وڪڻندڙ پوريءَ جي خودداريءَ ۽ مضبوطيءَ کي شهري سشيلا جي فخر ۽ غرور واري نيچي طبيعت کان فوقيت ڏيندي نيٽوءَ (سشيلا جي وَر) جي واتان چورائي ٿي ته

"اها ئي ته سندس سونهن آهي، جنهن مونکي بهار بهار ڪري ڇڏيو. هن جي آتما ڪيس ڪنهن به انسان اڳيان هيٺيرو نٿي ڪري. هن لاءِ ٻه روپيا ڪمائيندڙ توڙي ٻي سؤ روپيا ڪمائيندڙ هڪ جهڙا آهن. ڪنهن جو ٿورو ته ڪٽي ڪانه ٿي. محنت ڪري ٿي اجورو طلبي ٿي. پورهيو ڪندي پل عمر کان اڳ ٻڍي ٿي ويئي آهي، ته به ارمان نه اٿس. سندس پتي ٻه روپيا ٿو ڪمائي، ڏهه روپيا جو نه ٿو ڪمائي، اُن لاءِ ڪابه شڪايت ڪانه اٿس."

"ايئن ته مون کي به توهان لاءِ ڪا شڪايت نه آهي؟"

"ڏاڍي پورڙي آهين، پنهنجي اندر کان پڇ شڪايتن جا ڍير لڳا پيا اٿيئي. ٻارن کي ڪانوينٽ ۾ نٿا پڙهايو، روز روز شاپنگ ڪرڻ نٿا هلو. ڪشمير نٿا گهمايو، پيڪي مايڪي نٿا وٺي هلو، اڪيلي ڪيئن وڃان... ۽ هوڏانهن پوري آهي، جا وڏي آڪاش هيٺان وڏيءَ ڌرتيءَ تي بي فڪر هلندي هلندي ايڏي ته وشال ۽ مضبوط دل واري ٿي ويئي آهي، جو ڪيس ڪو به ڪوڙو شان نٿو ستائي. ڪرم ۾ پاڻ کوهي هوءَ محنت تي تڳجندڙ ملڪا... اڙي تون روئي وينينءَ؟"



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”نيٽوءَ پتنيءَ جو منهن پنهي هٿن ۾ ڪٽي جهليو.“(١٣)

سندريءَ جي فن جي وڏي خوبي ڪردارنگاريءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندر لفظن جي جڙاءَ وارن جملن سان هوءَ پنهنجي فَنَ ۾ ڪردارن جي اندر ڪي اوتي ٿي. هن انهيءَ دؤر ۾ لکيو، جڏهن هند توڙي سنڌ ۾ ڪهاڻيءَ جي صنف ڪي هٿي ڏيڻ لاءِ ادبي ڪلاس ٿيندا هئا، سندريءَ ڪي انهيءَ مان وڏو فائدو مليو. هندوستان ۾ ’سنڌي ساهت منڊل‘ 1949ع ۾ قائم ٿيو، جنهن ۾ ليکڪن لاءِ نثر ۽ شاعريءَ جي صنفن جي سکيا لاءِ ڪلاس ٿيندا هئا. ساڳيءَ ريت ’سنڌي ادبي سنگت‘ طرفان 1952ع کان ادبي ڪلاسن ۾ ڪهاڻي پڙهي ٻڌائڻ ۽ انهن تي تبصري ڪرڻ سان سنڌ ۾ ڪهاڻيءَ جي فن ڪي هٿي ملي، اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ هند ۾ انهن ڪلاسن سان ادب ۾ واڌارو ٿيو. سندريءَ انهن ڪلاسن ۾ ڪهاڻيءَ جي فن بابت تربيت حاصل ڪئي، جنهن سان هن نه فقط طبعزاد ڪهاڻين لکڻ ۾ ترقي ڪئي، پر ترجما پڻ شاندار ڪيا. سندريءَ مستقل ۽ مسلسل لکڻ جي محنت سان پنهنجي فن ڪي مٿي پهچايو. سندريءَ جي ڪهاڻي ۽ ناول جي مقبوليت جو سبب اهو آهي، جو هوءَ سنڌي جيوت ۽ سنڌي سماج جو چٽر حقيقت نگاريءَ سان گهريلو، اصطلاحي ۽ بامحاورا دلچسپ ۽ دلڪش ٻوليءَ ۾ پيش ڪري ٿي. ان ۾ نه فقط ٻاهرين دنيا جي نه پر اندرين من جي دنيا جي به ڪشمڪش هوندي آهي ته فن ۽ فڪر جو به مٺر ميلاپ هوندو آهي. ان ڪري ئي سندس 25-30 سال اڳ جون لکڻيون اڄ به روح کي راحت ۽ دماغ کي تازگي ڏين ٿيون.

ٻنڌڻ عنوان سان سندس مجموعي ۾ هيٺيون ڪهاڻيون: ’ڪير پريا هٿڙا‘، ’ٻَنڌڻ‘، ’مان ترس‌نديس‘، ’جيئڻ جي تمنا‘، ’نينهن جا ناتا‘، ’ساٿي‘، ’ولائتي گهوٽ جي ڳولا‘، ’سنڌي ٿي ويا داٽو داٽو‘، ’ڏيهه ٿيو پرڏيهه‘، ’مني ڪهاڻي‘، ’چٽاپيٽي‘، ’ممتا‘ ۽ ’ڪوشان‘ شامل آهن. مٿين شروع وارين ٻنهي ڪهاڻين تي ڪيس انعام مليل آهي. ’وڇوڙو‘ ڪهاڻين جي مجموعي ۾ ’ڪارو گهوٽ‘، ’آڪيري جا اٻلاڪي‘، ’ڪنوار پيءُ‘، ’مهانگي گڏي‘، ’سنڌوءَ جو روپ‘، ’وڇوڙو‘، ’قدر ڪونهي‘، ’سوريءَ سچ چڙهيو‘ ۽ ’نانڪي‘ جي عنوانن سان نَوَ ڪهاڻيون شامل آهن. هڪ ٻئي مجموعي ”يگانتر“ ۾ يارنهن ڪهاڻيون آيل آهن. مٿي ڄاڻايل ڪهاڻيون سنڌي سماج جي ڪيترن اهم مسئلن تي لکيل آهن. جيئن روزگار جو مسئلو، شهري ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ فرق، جهالت جي خلاف جدوجهد، سنڌيت جو جذبو، قوميت جو احساس،





صحت ۽ تعليم جا مسئلا، انساني بنيادي حقن جي لاءِ جاکوڙ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي حقيقتون آهن، جيڪي هن سهڻي انداز سان آنديون آهن. ڊاڪٽر نورافروز خواجه وشنو ڀاٽيه جي حوالي سان لکيو آهي ته:

”سندريءَ جون ڪهاڻيون، سنڌين جي گهر، سماج ۽ سنگهرش جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي پاٺڪن جي دلين تي گهري ۽ امٽ ڇاپ ڇڏين ٿيون. سندريءَ جي ڪهاڻين ۾ ڪردارنگاري نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. سندس ڪردار گهرو زندگيءَ مان ئي ڪنيل آهن ۽ اهي ماحول به اهوئي ٿا ڪٽيو اچن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار سندس آسپاس واري ماحول ۾ رهندڙ، گهمندڙ ڦرندڙ ۽ جيئرا جاڳندا آهن. ڪيس انساني دلين کي پرکڻ جي خاص ڏات مليل آهي. سندس هر هڪ ڪهاڻي سچن احساسن جي فنائتي ڍنگ جي عڪاس نظر اچي ٿي.“(١٤)

سُندريءَ جي ڪهاڻين جو هڪ اهم مجموعو ’تو جنين جي تات‘ ’عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد‘ مان 1983ع ۾ ڇاپيو ويو هو، جنهن جي ڪهاڻين ۾ ’تو جنين جي تات‘، ’معصوم التجا‘، ’رجني ۽ آرسي‘، ’ڪاري رات‘، ’پرزا... پرزا‘، ’دل شيشو آهي‘، ’ممتا‘، ’ڄمون وارو‘، ’چاچي چيلي ماءُ‘ ۽ ’تڙق‘ آهن، جن جا موضوع به گهڻي ڀاڱي سماجي مسئلن جي گرد گهمن ٿا.

’تو جنين جي تات‘ سنڌ جي يادگيرين تي مبني آهي. سندريءَ جي هيءَ ڪهاڻي وطنيت جي جذبي سان سرشار آهي. گهڻي جي واتان ڪڇ ڏي ويندڙ دوستن کي چورائي ٿي ته،

”توهان ته ڪڇي آهيو، پنهنجي ڪڇ ملڪ ڏي ويندا، اسان جي ٻي کهڙي سنڌ رکي آهي، جتي وينداسين.“

”معصوم التجا“ به ساڳيءَ ريت قوميت جي موضوع تي آهي.

”مان جوان ٿي، مان موهنيءَ کي سنڌي ئي پڙهائيندي‌س، پر مون کي هتي حيدرآباد (سنڌ) واري تولارام گرلس اسڪول جهڙو سنڌي اسڪول نظر نٿو اچي، جنهن ۾ وڏا هوادار ڪمرا هئا. ايڏو وڏو پارڪ هو. گلن جا ٻارا هئا ۽ پينگهون هيون ۽ هئي صفائي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنائي ۽ پنهنجائي.“

ڪهاڻيءَ جي نائيڪا پنهنجي ڌيءَ موهنيءَ جي لاءِ هندوستان ۾ سهڻي سنڌي اسڪول جو خواب ٿي ڏسي. سندس خواهش آهي ته جهڙا سنڌ جا سنڌي اسڪول هئا، اهڙا هتي به هجن. پر انگريزي ميڊيم جي قائم ٿيڻ ۽ مادري زبان جي آهستي آهستي نئين تعليمي سرشتي ۾ اهميت گهٽجڻ تي سندس احساس عجيب نموني جا ٿي ٿا وڃن. جڏهن هوءَ انگريزي ميڊيم اسڪول ۾ موهنيءَ کي وٺي ٿي وڃي ته ڪيس اهي اسڪول معياري ٿا لڳن ۽ سنڌي ميڊيم اسڪول ۾ سوڙها ڪلاس، استادن جو گهٽ ڌيان، ڪلاس ۾ ٻارن جو گوڙ ڏسي، اسڪول جي معيار جي کوٽ تي سندس دل کي جهٻو اچي ٿو. پر پنهنجي قومي جذبي هيٺ رُنل موهنيءَ کي هوءَ وري به سنڌي اسڪول ۾ ٿي موڪلي ته جيئن سندس ڌيءَ سنڌي ٻوليءَ کان پري ٿي نه وڃي. لکي ٿي ته:

”مون کي اچانڪ احساس ٿيو ته انهن وڏن باغن بوستانن ۽ هوادار ڪمرن واري شاهي اسڪول ۾ منهنجي موهنيءَ کي تاڻڻ واري آتما آهي، سا بلڪل ڌاري آهي. جيئن غريب ماءُ پنهنجي غربت ڏسي ڪنهن شاهوڪار بي اولادڻ کي پنهنجو ٻار ڏيڻ ته چاهيندي آهي، پر عين ڏيڻ جي موقعي تي سندس ممتا جاڳي اٿندي آهي ۽ ٻار کي ڇاتيءَ سان لائي ڌڪندي ڇڪيندي پنهنجي غريباڻي اجهي ۾ وڃي اڪين مان ڳوڙها ڳاڙي، ٻار کي هزار بار چمي وٺندي آهي، تيئن مان به پنهنجي موهنيءَ کي انگريزي اسڪول جي ڌاري ماءُ کان ڇني، گلن ٻوٽن جو موهه ڇڏي پنهنجي سنڌي اسڪول ۾ وٺي آيس...“(١٥)

’تڙق‘ هن ڪتاب جي هڪ بلڪل منفرد ڪهاڻي آهي. ليکڪا هن ۾ هڪ غيرمطمئن عورت جو اندر کولي بيان ڪيو آهي، جيڪا هڪ عظيم چترڪار جي پتني آهي، پر چترڪار جي مَن تي سندس ڪَلا جو واسو آهي. ڪيس سهڻي پتنيءَ جي جلندڙ جوانيءَ جو چتر ٺاهڻ جو ته هوش آهي، پر سندس سرير ۽ روح کي آسودي ڪرڻ لاءِ وٽس هڪ پل به نه آهن. وِملا جون نندڙون ڦٽي ٿيون وڃن. ڪيس مايوسي وڪوڙي ويئي آهي. ماءُ جا دلاسا ۽ دليل ڪيس قائل نٿا ڪري سگهن. ماڻس ڪيس چوي ٿي ته:





”وملا ڏس مني، ڪوڙ ۾ مَن اٽڪائي، سيني کي حيران ڪيو اٿيئي. ننڍ جي گوري وٺي سمهي پئه. ڇت ۾ اکيون اٽڪائي ڇري نه ٿيءُ. اهو تنهنجو وِشواس آهي ته هو توکي ڇڏي ٻين پٺيان ٿو ڊوڙي ۽ سچ اهو آهي ته تو اهڙي ڪلاونت سان لائون لڌيون آهن، جنهن ويچاري کي پنهنجو پاڻ به ياد ڪونهي.“

”سندس ڪلائي ته مون لاءِ ڪوڙي ٿي پيئي آهي ۽ سچ... اوهه! سچ ڪيڏو ساڙيندڙ آهي! مان سندس پتني هوندي به سندس دِل ۾ ناهيان... امي!“(١٦)

سندريءَ کي خبر آهي ته عورت ڇا ٿي چاهي؟ ۽ هڪ پتنيءَ جي حيثيت ۾ هوءَ پنهنجي وَرَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون اميدون رکي ٿي؟ ماءُ عورت هوندي به سندس درد کي سمجهي ٿي، پر ڪيس مايوسيءَ مان ڪڍڻ لاءِ دلاسا ڏيئي ٿي. پاءُ، ڊاڪٽر ۽ سندس ور ڪيس فقط سمهڻ جا مشورا ڏين ٿا ته جيئن هوءَ ڇري ٿيڻ کان بچي سگهي. پر سندس ڇرئي ٿيل مَنَ کي آنند تڏهن ملي سگهيو ٿي، جڏهن سندس ور (ڪلاڪار) اهو ڇريائي سمجهي ها. هُن ڇا گهريو هو؟ فقط پنهنجي خالي حياتيءَ ۾ چند پيار جا پَل ۽ سچيءَ دل جا جذبا، جيڪي هوءَ حاصل ڪري نه سگهي، سو ڪلاڪار جو اندر چتر هٿ ڪرڻ لاءِ تڙقندو هو ۽ هوءَ ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ تڙقندي هئي. انهيءَ تڙق کي سندريءَ مڪالمن ذريعي تمام سهڻائيءَ سان پيش ڪيو آهي.

ناول نگاريءَ ۾ سندس ٻه اصلوڪا ناول ’ڪرندڙ ديوارون‘ ۽ ’پريت پراڻي ريت نرالي‘ آهن. جڏهين ته باقي ناول ترجمو ڪيل آهن. سندس ترجمو ڪيل ناول پڻ اصل جو هڳاءُ ڏين ٿا. ’ڪرندڙ ديوارون‘ سندريءَ جو پهريون اصلوڪو ناول گهرو حياتيءَ بابت آهي. ورهاڱي جي ڏکين حالتن ۽ مالي تڪليفن جو چٽو عڪس وڻندڙ اسلوب سان ڏنل آهي. ملڪي وِڳوڙن ۽ لڏ پلاڻ جي حالتن جي پيڙا ۽ درد جي خبر انهيءَ کي هوندي، جيڪو انهيءَ مان لنگهيو هوندو. جيئن ته ليکڪا پاڻ به انهيءَ تجربي ۽ پيڙا مان گذري آهي، ۽ ڪيس اهڙين حالتن جو ذاتي طور تجربو ٿيو. انهيءَ ڪري هن ناول ۾ هوءَ سماجي حقيقت نگاريءَ جي بلندين تي نظر اچي ٿي.

هيءُ ناول پهرين پيرو 1953ع ۾ شايع ٿيو ۽ پوءِ به ٽي چار دفعا ڇپجي چڪو آهي. 1962ع ۾ ليکڪا کي هن ناول تي سنڌ مان پهريون انعام مليو. هن ناول



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هندوستان ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي وقت جي بهترين ناولن ۾ شمار ٿيو ۽ ٻين ٻولين ۾ پڻ ترجمو ڪيو ويو آهي. موضوع جي حوالي سان بظاهر ته هن ناول ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ لڏي ويلن جي لاءِ پيدا ٿيل سماجي ۽ اقتصادي مسئلا آهن، پر اهي مسئلا ايترا ته جهجها ۽ ڳنڀير آهن، جو هر هڪ مسئلو بذات خود هڪ الڳ مسئلو آهي. لڏپلاڻ ۾ پنهنجي ئي ڌرتيءَ تان بي دخل ٿيڻ جو ڏک آهي، ته معاشي بدحاليءَ جا سور به آهن. ٻارن جي تعليم جي پريشاني آهي ته نياڻين جي لاءِ وَر چونڊڻ ۽ انهن ڪي خيرخوبيءَ سان شادي ڪرائڻ جي مشڪل صورتحال جو به ذڪر موجود اٿس. شاديءَ ۾ ڏيندڙ ڏيتي ليتيءَ جي ڪُڌيءَ رسم خلاف احتجاج به آهي، ته معصوم پيرين اگهاڙن ٻارن جي اٿي، لٿي ۽ اجهي جون دردناڪ تڪليفون به اٿس . زال ۽ مڙس جي رشتي جي وچ ۾ پيل ڏار به آهن. ته سندن خواهشن جو قتل به شامل آهي.

هن ناول جو اهم ڪردار چندن، غريبن جو همدرد ۽ هڏڏوڪي آهي. هن ديش ڀڳت آدرشي مرد کي پاڻ پنهنجو به هوش نه آهي ۽ هو پنهنجي خوبصورت، نازڪ ۽ نفيس زال جي رومان پسند فطرت کان غافل ٿي وڃي ٿو. هوءَ توجهه حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سس ۽ مڙس جي گهڻي خدمت ڪري ٿي. ڪين سڪ ۽ آرام ڏيڻ لاءِ هر تڪليف ۽ طعنو برداشت ڪري ٿي، پر مرد شايد فطرتاً پاڻ کي صحيح سمجهندڙ آهي. ريڪا پنهنجي خوابن کي ٽٽندو ڏسي سهي نٿي سگهي. سندس گهڻي روئڻ تي چندن کيس روڪي ٿو ۽ چوي ٿو ته،

”ريڪا! توکي ڇا ڪپي؟ تون روئين ڇو ٿي؟ ڇا تون نٿي سمجهين،
ته مون کي تنهنجو روئڻ ڪيترو نه دکي ڪندو هوندو؟“
”مون کي پيار ڪپي، اهو پيار، جنهن ۾ تون ۽ مان پلجي وڃون هن
دنيا جي هستيءَ کي. اسان جي سرير تي سندر وَستَر هجن،
سنسار جون سماجڪ آرٿڪ ۽ راڄنيتي اٿلون پٿلون توکان وسري
وڃن. تنهنجي زندگي منهنجي لاءِ هجي ۽ منهنجي تنهنجي لاءِ.
مون شادي فقط ڪاڏي ۽ ڪپڙن لاءِ نه ڪئي آهي. اهو ته مون کي
مائٽن وٽ به مليو پئي.“[١٧]

’ڪرندڙ ديوارون‘ ۾ ليکڪا ننڍي کنڊ جي هڪ اهم دؤر جي ڄڻ تاريخ بيان ڪئي آهي. لڏپلاڻ وقت روزمره جي زندگيءَ جون مشڪلاتون ۽ ماڻهن جا رويا ۽





احساس، سماج ۾ اوچتيون ايندڙ تبديليون ۽ انسان جا محدود وسيلا، جن سان پيدا ٿيل محروميون ؛ هن ناول جو موضوع آهن. اهي ئي محروميون رشتن ۾ ڪيئن ڏار وجهن ٿيون؟ تاريخي شعور جي فراهميءَ سان گڏ هيءُ ناول انساني ڪردارن جي باطن ۽ نفس جو مشاهدو پڻ آهي. ته ناول جي مقصديت ۽ ڪهاڻيءَ کي ليکڪا فنڪارانه ڪمال سان اثرائتي نموني سان پيش ڪيو آهي. پوپٽي هيراننداڻي لکي ٿي ته:

“Sundri Potrays conflict between the time honoured traditions and the new economic realities in her novel kirandar Diwaroon, (the crumbling walls). 1954.” (18)

’پريت پراڻي ريت نرالي‘ موضوع، مواد، ٻولي ۽ پيشڪش جي لحاظ کان ناول ’ڪرندڙ ديوارون‘ کان گوءِ کڻي ويو آهي. موتي، سرلا ۽ جمنا جي خيالن، سوچن ۽ ويچارن ۾ سچي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. اهي ويچار سندن ضمير جو آواز آهن، جن وسيلي هر ڪردار پنهنجو محاسبو به ٿو ڪري ته پنهنجي هر فعل جو جواز به پاڻ ئي پيش ڪري ٿو. ليکڪا موجب ته، نياڻين کي بار سمجهڻ جي ريت گهڻن سماجن ۾ رائج آهي. سنڌي سماج به انهيءَ لعنت کان ڇٽل ڪونهي. پڙهيل لکيل نياڻيءَ کي پيرن تي بيهاري، خود اعتمادي ڏيڻ بجاءِ ڪيس جلدي اُڪلائڻ جي اون کي پوري ڪرڻ سان گهڻائي نقصان پڻ ٿين ٿا. هن موضوع تي سرلا جي واتان چورائي ٿي ته:

”اوچتو سخت طوفان اچي ويو. ملڪ جي ورهاڱي جي ڪري
اهڙيون حالتون پيدا ٿي ويون، جو اسين سنڌ ڇڏي بمبئي لڏي
آياسين. هيتري هڻ پچاڙ تي زندگيءَ جي روزاني ڪرت ڪار ۾
هيترو ڦيرو اچي ويو، تڏهن به منهنجي دل جي حالت ساڳي ئي
رهي. سندر مورتيءَ جي دل جو در ڪڏهن به ڪونه کلندو هو. ها،
هڪڙو سڏ، جنهن جو اثر ٿيو، سو هو بابي جو سڏ، ”سري ڪاڏو
خلاص ٿي ويو آهي. اگر تنهنجو بوجهو سر تي نه هجي ها، ته رکو
سکو ڪائي، ڪجھ ڏينهن وقت هلي سگهون ها.“

مورتيءَ جي اکين ۾ چرپر ٿي، ڄڻ چئي رهي هئي اها حالت مان
سمجهان ٿي، پلي توهين پنهنجو ٻوجهو لاهي ڪنهن اناج جي ڍير
تي ڦٽو ڪري ڇڏيو. ڪاش! ان وقت بابو چوي ها، ”ڪاليج جا به
سال پورا ڪيا اٿيئي، پاڻ ڇو ڪين ٿي اَن اپائين، جنهن جي لپ

ڪائڻ لاءِ، اسين بہ حقدار ٿي سگهون!"

"ليڪن هن ريت رسم جي پابند پتا سچ پچ مون کي اناج جي ڍير تي اچلي ڇڏڻ چاهيو، سندس ڏوهہ بہ تہ ڪونہ هو. جيڪي نوجوان مون سان گهمڻ ڦرڻ لاءِ تيار هئا، تن مان ڪوبہ ان شرط تي شادي ڪري سگهيو ٿي، تہ بابو منهنجي سڄي عمر جي گذران جو اناج ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڏئي. هڪڙو شيام سندر ئي هو، جنهن ڪنهن بہ چيز جي تقاضا نتي ڪئي، دراصل هن جون تقاضائون تہ وڏيون هيون! ان مون منجهان هڪ ماتا جي تقاضا ٿي ڪئي، جا سندس چئن ٻارن کي آسرو ڏئي. هن تقاضا ٿي ڪئي تہ سندس لونڊڙين وٽ جي اچا وار وڏيءَ عمر جي چاپ هٽي بينا هئا، تن کي ڏسندي بہ نہ ڏسان! هن اميد رکي تہ سندس ٿلهيل سرير ۾ شانت مکڙي سان ڪلول ڪريان... مگر... مگر مان تہ اجان پريتما ئي ڪين ٿي هيس، سو ماتا جو پد ڪيئن ٿي پائي سگهيس! بابي اميءَ کي ڇا چوان؟"[19]

سندريءَ جو فن هن ناول ۾ مٿانهين درجي تي ڏسجي پيو. هن هر ڪردار جي نفسيات جو گهرو اڀياس آهي. سندريءَ جي ترجمو ڪيل ناولن ۾ 'هڪ سسئي سؤ سور' (امرتا پريتم)، 'پياسي ڌرتي، پياسيون دلڙيون' (ڪرشن چندر) 'ٽٽل ساز' (مئڪسيم گورڪي) اهم آهن. بظاهر تہ هي ناول ترجمو آهن، پر پڙهڻ مهل انهن مان طبعزاد جو هڳاءُ اچي پيو، انهيءَ ڪري اهي ناول مشهور ٿيا ۽ انهن جا ڪافي ڇاپا هند ۽ سنڌ ۾ شايع ٿيا. 'هڪ سسئي سؤ سور' ناول جي مهاڳ ۾ ليکڪا امرتا پريتم کي 'درد رچنا' ليکڪا سڏيو آهي. دهليءَ ۾ ايشيا جي ليکڪن جي ٿيل ڪانفرنس ۾ سندريءَ جي ملاقات امرتا پريتم سان ٿي. ڪيس انهيءَ ڪانفرنس ۾ ڏاڍو آنند مليو. هوءَ امرتا سان ملي، گهڻي خوش ٿي ۽ سندس گفتگوءَ کان متاثر ٿي. 'هڪ سسئي سؤ سور' جي ترجمي جو سبب بہ اها ملاقات هئي. هن ناول ۾ سندس عبارت آرائيءَ جو نمونو هن ريت آهي:

"تارا جي پتيءَ جي مٺ گرم نہ ٿي هئي، ان ڪري هن جي بدران





سندس زبان گرم ٿي ويئي هئي. هو خسيس ڳالهہ تي ڪاوڙجي پنهنجيءَ نئين ڪنوار کي ماريندو هو، چوندو هو، "اچ تہ تنهنجو بدن گرم ڪريان" (مار ڏيئي سڄايانءِ جيئن ٺاڪور ڪرڻ جي ضرورت پوئي)."

"عورت جي جواني پلي سکي وڃي، پر هن جي ڪُک تازي ئي رهندي آهي. تارا پاروتي ڦلڪي مٿان انبڙيءَ جي ڦار رکي گرهہ ڳهندي هئي، پر تڏهن بہ سال جي اندر ئي دونهي سان ڪاراٽيل سندس جوانيءَ هڪ سفيد مکڙيءَ کي جنم ڏنو، اها مکڙي هئي ڪمل."

"ڪمل اجان پينگهي ۾ ئي هئي، جڏهن هن جي پيءَ پنهنجي زال کي وري خوب مار ڏني. ماءُ جون چيخون پينگهي ۾ پيل ڪمل جي ڪنن ۾ پيون. ڪمل کي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو، پر ٻرندڙ ڪاٺيءَ مان ٽڙڪا نڪتا ۽ هڪ ننڍڙو اُلو اڏامي ڪمل جي اَڇيت من ۾ گهڙي ويو."[20]

سندريءَ 'پياسي ڌرتي پياسيون دلڙيون' جي نالي سان ڪرشن چندر جي ناول تان ترجمو ڪيو آهي. علم جي چاهہ ۾ نيڪيءَ ڏانهن راغب ڪرڻ جي هن اصلاحي ناول ۾ هڪ سادي نوجوان راجوءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پنهنجي محبوبہ سان ڳڌ ڳوٺ مان شهر تہ وڃي، پر شهر ۾ بدمعاشن جي ور چڙهي ڪري ٿو پوي. نيٺ ترانا ڪيس ريپي واپس ڳوٺ وٺي ٿي اچي. بمبئي ۽ پونا جي فٽ پاٿن جي رُليل شهري حياتيءَ جي بجاءِ هو ڳوٺ جي آزاد زندگيءَ جي چاهنا ۾ واپس تا اچن. سادي سودي ڳوناٽي نوجوان کي شهر جي فٽ پاٿن جي غنده گرديءَ کي جيڪو منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ ڪيئن هو هڪ ڳوناٽو، شهري بدمعاش ٿو ٿي وڃي، اها ئي هن ناول جي ڪهاڻي آهي. ناول جي ترجمي ۾ ليکڪا نثر جي عبارت آرائيءَ وارين خوبين کي سهڻي نموني اڳيان آندو آهي. وڻندڙ نج سنڌي لفظ، اصطلاح ۽ چوڻيون ڪم آڻي، هن ناول کي اصلوڪي ناول جو روپ ڏنو آهي. هن ناول ۾ عبارت آرائيءَ جو نمونو هن ريت آهي:

"جهنگلي مٿو ڪنهيندو رهيو، جيڪو پيءُ جي موت تي نہ رنو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سو پلا ڏکن جي هلي وجھڻ تي ڪيئن روئي. گهر مان لوئي ويئي، ماءُ جو آخري ڪڙو ويو، سارو سامان ويو، پر جهنگليءَ ڳوڙهو ڪونه ڳاڙيو. جنهن مهل چڪيا جلائڻ کان اڳ متو ڪوڙجڻ مهل وارن ڪي جهوليءَ ۾ ڪرندو ڏٺائين، تڏهن اوچتو ئي اوچتو محسوس ڪيائين ته هاڻي هو دنيا ۾ بس اڪيلو رهجي ويو آهي ۽ جهر جهر ڪري ڳوڙها ڪرڻ لڳس.“(٢١)

متي چاٽايل هيئي ترجمو ڪيل ناول هندوستان جي ماحول ۽ مزاج جي عڪاسي ڪن ٿا، باقي ’ٽٽل ساز‘ ناول ۾ ڪردارن جا نالا پڻ پرڏيهي آهن، ته ماحول به ڌاريو آهي، پر ليکڪا جي لفظن ۽ جملن ۾ ايتري ته گهرائي آهي، جو ترجمو هوندي به هيءُ اصلوڪي ناول جو ڏيک ڏئي ٿو. هيٺ ڏنل ڪجهه حوالن مان اها وضاحت بخوبي ٿئي پيئي:

”منجهن ايڏي شڪتي نه هئي، جو ٻالڪ کي پالي نپائي پنهنجي سپاءِ انوسار وڏو ڪن، پتر تياڳ لاءِ اگر ڪنهن ڳالهه ڪين مجبور ڪيو هو ته اها غريبي هئي، جنهن جو ثبوت ٻالڪ جي قاتل گودڙيءَ سان چنبڙايل چٽڪيءَ مان ملي سگهيو ٿي. ننڍڙو پال ياڳ تي پاڙيندڙن جيان ڪجهه وقت اتي پيو رهيو ۽ وات ۾ رکيل مانيءَ ٽڪري چوسيندو رهيو. آخر مانيءَ ٽڪر وات مان ڪڍي، هڪڙي هلڪي رڙ ڪيائين، جنهن سان رات جو شانت وايومنڊل هڪدم ٽٽي ويو.“(٢٢)

سندريءَ پنهنجي افسانن ۽ ناولن جا نالا سوچي رکيا آهن، جي اندرين مواد سان گهڻا ٺهڪندڙ آهن، جيئن: ڪهاڻيون ’شڪست‘، ’ڪارو گهوٽ‘، ’سوريءَ چڙهيو سچ‘، ’مان ترسنديس‘، ’ڪير پريا هتڙا نير پريا نيڻ‘، ’ڏيهه ٿيو پرڏيهه‘ ۽ ناولن ۾ ’ڪرندڙ ديوارون‘ ۽ ’ٽٽل ساز‘ جا عنوان اندرين موضوع ۽ مواد جي مڪمل عڪاسي آهن. ”ٽٽل ساز“ جي آخر ۾ ليکڪا لکي ٿي ته،

”ڏوهيءَ کي ٻارهن سال جيل جي سزا ٻڌائي ويئي ۽ ڪانئس آخري اِڇا پڇي ويئي. پال آفيسر جي اکيان جهڪي پيو. سندس اکيون خشڪ هيون، نظر نراس هئي، هن چيو ”حضور، فقط هڪ پيرو





سندس قبر تي وجھڻ ڏيو.“ سندس آواز ايترو ته سرد هو، جڻ ڪنهن ٽٽل ساز جي تارن کي زوريءَ ڇيڙيو ويو هو.“(٢٣)

سندريءَ جي فن ۾ ڪردارنگاري، موضوعن ۽ مواد جي هڪڪرائي کان سواءِ جيڪا اهم ترين خوبي آهي، سا آهي ٻوليءَ جي استعمال جي. سندس جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو ۽ ٻاراڻي وهيءَ کان نوجوانيءَ ۽ شاديءَ تائين هوءَ حيدرآباد ۾ رهي، ان ڪري سندس نثر ۾ اصلوڪي ٻوليءَ جو هڳاءُ بلڪل چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو ڪن ٿورن هند جي اديبن جي لکڻين ۾ نظر ايندو. هوءَ ڪيترائي ٺيٺ ۽ نج سنڌي لفظ استعمال ڪري ٿي، جن جي لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو، ته اهڙن لفظن جو استعمال حقيقت ۾ ٻوليءَ جي جيئارڻ جو سبب آهي، ڇو ته ٻيءَ صورت ۾ هوند ڪيترائي نج لفظ، چوڻيون ۽ پهاڪا شايد آهستي آهستي متروڪ ٿي ختم ٿي وڃن ها. سندريءَ جي اهڙن لفظن ۾: ڏمڇڪر، ملولائي، تمتمائيندڙ، ٽپتائي ۽ ٻيا ڪيترائي لفظ شامل آهن.

هوءَ سهڻا پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح ۽ گفتا استعمال ڪرڻ ڄاڻي ٿي، جيڪي نه فقط موقعي مهل مطابق آهن، پر دل کي سيبائيندڙ ۽ مواد کي وڻندڙ بنائيندڙ آهن.

سندريءَ کي پنهنجي فن تي انيڪ ايوارڊ مليا، جنهن ۾ ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي طرفان، مرڪزي ساهت اڪيڊمي طرفان، سويت لينڊ نهرو پيس ايوارڊ ۽ ٻيا شامل آهن، پر کيس ذاتي طور سويت لينڊ نهرو پيس ايوارڊ وٺڻ تي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿي، جو هن کي نه فقط هڪ نئين سڀيتا ڏسڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو، پر کيس روس جي ترقيءَ پڻ متاثر ڪيو ۽ ان کان پوءِ هن روس جي باري ۾ ٻيا ڪتاب لکيا آهن. پنهنجي انهيءَ سفر ۽ خوشيءَ تي لکي ٿي ته،

”رشيا هڪ نئين نموني اڏيل، نئين سڀيتا وارو منظم ملڪ آهي. هن عجيب سڀيتا مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ ان لحاظ کان اهو ايوارڊ منهنجي لاءِ روحاني خوشيءَ جو سبب بڻيو.“(٢٤)

ساهتڪ ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ ڀرپور حصو وٺندڙ هن ليکڪا جي ڪهاڻين ۽ ناولن جي مقبوليت جا گهڻائي سبب آهن، جن ۾ خاص طور سنڌي جيوت ۽ سنڌي سماج جي حقيقت نگاري ۽ گهريلو اصطلاحي ۽ محاوريدار دلڪش ٻوليءَ جي استعمال سان گڏ فن ۽ فڪر جو سهڻو ميلاپ آهي. ڪيترن سالن گذرڻ کان پوءِ اڄ به سندس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تحريرون دل ۽ دماغ کي راحت پيون ڏين.

سندري اتم چنداڻيءَ جي فن جي اڀياس ڪان پوءِ اهو بلڪل چٽي سگھجي ٿو، تہ سنڌي نثر ۾ هوءَ طبعزاد توڙي ترجمي ۾ پنهنجي فن ۾ نمايان مقام رکي ٿي. سندس لکڻيون اوچين خوبين سان سجايل آهن. هوءَ هڪ اهڙي فنڪاره آهي، جنهن جي فن ۾ ذات ۽ ذانءَ جو اعليٰ ميلاپ آهي. سندس اتم ويچار، موضوعن جي وسعت، فني خوبيون، فڪر جون بلنديون پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪافي آهن.

## حوالا


١. اتم چنداڻي ، سندري ، ١٩٨٣ع، (انٽرويو ڪنول لهاٽو)، 'آرسي' (مخزن) پبلشر (ولي رام ولڀ، ظفر حسن)، گاڏي کاتو حيدرآباد، ص: ٢٣٦.

٢. ساڳيو ، ص :٢٣٧.

٣. ساڳيو ، ص :٢٤٥.

٤. ساڳيو ، ص :٢٤٦.

٥. حميد سنڌي (روبرو انٽرويو) پروين موسيٰ ميمڻ، ١٥ جنوري، ٢٠٠٨ع.

٦. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، ٢٠٠٦ع، 'سنڌي ادب جي تاريخ' ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ص: ٨٤.

٧. اتمچنداڻي سندري، ١٩٨٢ع، 'ٻنڌڻ' ، گيتا پرنٽنگ پريس الهاس نگر، ص: ١٧،

٨. ساڳيو ، ص: ٢٠.

٩. ساڳيو و، ص: ٢٧.

١٠. ساڳيو ، ص :٣١.

١١. ساڳيو ، ص: ٣٩.

١٢. ساڳيو، ص: ١٠٦.

١٣. ساڳيو، ص: ١٦.

١٤. خواجہ نورافروز، ڊاڪٽر، ٢٠٠٩ع. 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر' ، گنج بخش پبليڪيشن، حيدرآباد، ص: ٣٧٨.

١٥. اتم چنداڻي ،سندري، ١٩٨٣ع، 'تو جنين جي تات' ، عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد، ص: ٢٠-٢١.

١٦. ساڳيو، ص: ١١١.

١٧. اتم چنداڻي، سندري، ١٩٨٤ع، 'ڪرندڙ ديوارون' ، عظمت اڪيڊمي، حيدرآباد، ص: ٦١.

١٨. Hiranandani Popati, ١٩٨٤ع, ` History of Sindhi literature`, Anuradaha Publication, Bombay, p-٩٩

١٩. اتم چنداڻي، سندري، ١٩٧٩ع، 'پريت پرائي ريت نرالي' ، عظمت اڪيڊمي حيدرآباد، ص: ٧٠-٧٩.







٢٠. اتم چنداڻي، سندري، ١٩٨٤ع، 'هڪ سسئي سؤ سور' ، مشعل پبليڪيشن سڪرنڊ، ص: ١٠.

٢١. ساڳيو ، ص :١٥.

٢٢. اتم چنداڻي، سندري، 'ٽٽل ساز' ، سنسار ساهتيہ منڊل، ص: ٩.

٢٣. اتمچنداڻي سندري، ١٩٨٢ع، 'ٻنڌڻ' ، گيتا پرنٽنگ پريس الهاس نگر، ص:١١٩.

٢٤. اتم چنداڻي ، سندري ، ١٩٨٣ع، (انٽرويو ڪنول لهاٽو)، 'آرسي' (مخزن) پبلشر (ولي رام ولڀ، ظفر حسن، گاڏي کاتو حيدرآباد، ص :٢٣٨.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair